# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1974
# سنڌ سروس ٽربيونلس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_A جي شموليت

Insertion of Section 3_A in Sindh Act XV of 1973

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1974
## سنڌ سروس ٽربيونلس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[13 سيپٽمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ

2. سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعہ 3 ۾، ذيلي

دفعہ (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

(4) چيئرمين ۽ ٽربيونل جا ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرر ڪيا ويندا ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن حڪومت طئي ڪري، بشرطيڪ حڪومت ملازمت جو مدو اهڙي عرصي لاءِ وڌائي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي."

4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act XV of 1973

3. چاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي شامل ڪيل سمجهيو ويندو:

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_A جي شموليت
Insertion of section 3_A in Sindh Act XV of 1973

"3_A. (چيئرمين يا ميمبر جي برطرفي) (1) جيڪڏهن حڪومت جي خيال ۾ چيئرمين يا ٽربيونل جو ميمبر طبي يا ذهني معذوري سبب پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيڻ کان قاصر آهي، يا بدعنواني ۾ ملوث آهي، اها ٽن ماڻهن تي مشتمل ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي، جنهن جي سربراهي اهڙو شخص ڪندو، جيڪو عهدي ۾ چيئرمين جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو، جيڪو معاملي جي جاچ ڪندو.

(2) جيڪڏهن، جاچ ڪرائڻ کانپوءِ، ڪميٽي رپورٽ ڏئي ٿي تہ چيئرمين يا ميمبر پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيڻ لائق ناهي يا بدعنواني ۾ ملوث آهي، حڪومت جيستائين ڪجھہ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) جي گنجائشن جي متضاد نہ هجي، اهڙي چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي.

(3) دفعہ 3_A تحت جاچ جي مقصد لاءِ ڪميٽي کي ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 (1908 جي ايڪٽ V) تحت سول ڪورٽ وارا اختيار حاصل هوندا، هيٺين معاملن جي سلسلي ۾، يعني:

(a) ڪنهن شخص جي حاضري يقيني بڻائڻ ۽ ان کان حلف تي پڇا ڳاڇا ڪرڻ؛

(b)دستاويزن جي بازيابي ۽ فراهمي طلب ڪرڻ؛
(c)حلف نامن تي شاهدي وٺڻ؛
(d)شاهدين يا دستاويزن جي جاچ پڙتال لاءِ ڪميشنز جاري ڪرڻ.”.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**